# الف

**آبيسي. ج آبيسي:** ذ (آويشي) دل وارو، جُنون يا عشق وارو، محبتي، هڪ هنڌ ٽڪاءَ ڪندڙ خوش اخلاق.

آهيان آبيسي، آديسي اوچي نہ چئو!

**آيارَ. ج آيارُون:** ٿ. آٿت، هُشي، ٽيڪ، ساراهہ.

"سعيا، سانگا، ڪانگ ڪيم،

آيارون ڏئي روز اُڏاريان."

**آياسَ. ج آياسُون:** ٿ. روشني، چمڪ، تجلو، صورت، عڪس.

"اونداهي آڪاس ۾، سوياري آياس"

**آترويلا. ج آترويلائون:** ٿ. آنڌ مانڌ، اُٿ ٿُٽ، لُڇ پُڇ، هُرڪُر.

"اِيءَ آترويلا، ايئن ڪيئن سلي سگهان"

**آتِش ڦينڪ. ج آتِش ڦينڪ:** ذ. آتش فشان، آڳ اوڳاڇيندڙ.

"آتش ڦينڪ پهاڙ جي، پر ۾ جهومي جهنگ"

**آٽ. ج آٽون:** ٿ. انگل، آٽو آرو، تاڏر، سِيٽ، ڏنگائي، ضد، آڪڙ، هوڏ

ٽيڙن ۾ ٽڙڪات،

ڏاڍن زورن سان پڳي،

اونداهيءَ جي آٽ.

**آٿِي. ج آٿيُون:** ٿ. ويڙهي (سُٽَ جي) ڍيري، سوڄ، سُجاڳي، تحرڪ جو سامان، تبديلي جون اٽڪلون.

"چُريو چرخو بيبو چَلي، ڪتيون ڪي آٿيون"

**آپڻو. ج آپڻا. (سرائڪي):** ذ. پنهنجو، منفرد، نرالو الڳ.

"تنهن هوندي پڻ تو جوڙيو جيون آپڻو"

**آجڪو. ج آجڪا:** ذ. خوشحال، آسودو، آباد، توشو ملڪيت، آڏار.

"ويندا ويرانا، آجا ٿيندا آجڪا"

**آجائِي:** آزادي

هر ڏات سچيءَ کي ڏنپ ڏيو۔

هُو پنهنجا پر ڦهلائي چو؟

آجائِي جاڳائي چو؟

**آڄ. ج آڄون:** ٿ. اُدم، سعيو، ڪوشش، جاکوڙ.

"آڄ بہ آجي اَوج بہ آجا، سپنو ساپيا جهڙو سوچيم"

**آڃو. ج آڃا:** ذ. ڪاہو (ڪنارو)، آولو اَوکو، ڏُکيو.

"اوسيئڙو ءِ آئون، آڃو بيڙو بار ۾"

**آڇارُ. ج آڇارَ:** ذ. لاهو گهرائِي (سمنڊ يا درياهہ جي) اندران، لڪ، اندر ۾، دل ۾.

"آڇاران انڪار بخاري، اوراون اقرار"

**آڇارو. ج آڇارا:** ذ. وَهڪرا، گهيرا، بارش جا اوهيرا، لهرن جي لس ليٽ جو وهڪرو تڪليف ڏيندڙ.

"بيچيني بيمار، چولي چاچر ٿي لڇيا،

هُوڪ ہنهيءَ ۾ هيڪڙي، آڇارا آزار،

آچار ۽ ويچار، سُرپُر سيم سچيءَ ۾"

**آديسِي. ج آديسِي:** ذ. مڃيندڙ فرمانبردار،

**هُونگ ج هُونگُون:** ٿ. هونگارو هَڪل، آواز صدا.

"هيئان هُونگ حيات جي، مٿان موت گجي"

**هُوءِ:** هُوڪَ، هُل، غوغاءِ، ساراهہ.

"هُئڻ تنهنجي هُوءِ،هميشہ هوندي هُئِي"

**هَئو مَئو ٿرڻ:** ماڻهن جي موجودگي نہ هئڻ، خاموشي ٿيڻ، ماڻهن جي سس پس بند ٿيڻ، اڪيلائي ٿيڻ.

"ماڻهن جي هَئو مَئو ٿري، ماڻهُون محبت مَئو"

**هيج هَجڻ:** شوق ماندو ٿيڻ، پيار پڄرڻ، خوشي ختم ٿيڻ.

"ڪيج ٿيا ڪيرا،هيج سيئي هَج ۾"

**هِيرا:** هيروئني (هِيروئنين ۾ڪي طنز منجهان چيل)

"هر جاءِ هِيروئن، هر جاڳهہ هِيرا"

**هِير ٿيڻ:** ٿڌي هوا ٿيڻ.

"اوهين خوشبُوءِ پکيڙيندَو

تہ ٿڌڙي هِير ٿيندا سين"

**هِيرچيڙڻ:** سُنائيءَ جو ذڪر ڇيڙڻ، ڦهلائڻ.

"هِير ڇيڙيم هَونس تي طوفان ڇيڙيندو وتان"

**هِيسُ ج هِيسُون:** دٻاءُ، دهمان، ڊپ، خوف

"هِيس ڏاڍي وڏي، رِيس ناهي رَسِي"

**هِيس هَتِي:** خوف جي هڪ هَتِي، دٻدٻو، دٻاءُ.

"جڳ ۾ جِت ڪِٿ جاري جنگ،

هيڏي ساري هِيس هَتِي"

## ي

**يَخِي ڏِيڻ:** ڇڙڻ، تَڙي پَٽڻ، بڪواس ڪرڻ، بڪ بڪ ڪرڻ.

**يَڙشِي ڏِيڻ:** ڊيڄارڻ، وڙهڻ لاءِ هُڏِي ڏيڻ، ڪتن جو گرڻ، ڏند ڏيڻ، يشي ڏيڻ.

مُرليون ڪٽي نياريون،

جوڳي جوان ايندا،

"لوڏون جي ڏوڏ ڏاريون،

يَڙشِيون، يَخيُون بہ ڏيندا،

سازي تہ پيا سڏيندا"